ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# سچل سرمست ۽ علامہ اقبال جو وجود جي فلسفي جو تقابلي جائزو

**Abstract:**

*Sachal Sarmast (1739-1827) was a Mystical Poet from Sindh. Allama Iqbal (1877-1938) was a poet from Sialkot Punjab. Sachal's real name was Abdul Wahab Farouqe. He was also nicknamed "Sachaoo and Sacahal" meaning "truthful". Sachal Sarmast was an enthusiastic follower of Wahadat-ul-Wajood (unity of existence). Throughout his poetry we encounter and perceive the discussion regarding pure existence. Sufi of Sindh doesn't believe the renunciation of outwardly obligation because man has nothing to abandon. His real renunciation is hidden in ones hearts that a state of man when he has everything yet his soul is fully absorbed in God. Similarly Allama Iqbal emphasized on the signification of the self in an individual is that it is the source through which we can bring ourselves closest to the ultimate. The comparative study shows that despite of differences of expressions both poets have similarities about the absolute existence.*

**فلسفي** جو بنيادي موضوع وجود جي اسرار کي پروڙڻ آهي. حقيقي وجود ڪهڙو آهي اهو ڏاڍو اهم ۽ پيچيده سوال آهي. وجود متعلق بحث علم طبعيات کان ما بعد الطبعيات تائين سفر ڪري ٿو. صوفي مت ۾ وجوديت پسندن جو سچو فڪر انهيءَ وجود جي رسائي تائين جو بحث ۽ رياضت آهي.

انسان جو وجود حقيقي آهي يا دوکو؟ وجود آهي يا عدم وجود آهي .انسان جو جوهر ڪهڙو آهي؟ انهيءَ متعلق دنيا جا ٻہ نڪتي نظر اهم آهن هڪ خيال پرستي ٻيو مادي پرستي . خيال پرستي جي دنيا داخليت پرستي کي وڌيڪ اهميت ڏي ٿي ٻي طرف ماديت پرستي معروضيت کي اهميت ڏي ٿي.

افلاطون معروضي خيال پرست هو، هن جو خيال هو، تہ مطلق وجود هڪ خيال آهي جيڪو معروضي طور الڳ وجود رکي ٿو. ارسطو چئن رخن ذريعي مادي کي سخت ۽ طئي شده قرار ڏنو ، هن جي خيال ۾ مادو صورت جي ذريعي عيان ٿئي





ٿو. جيڪو وجود جي نشاندهي ڪري ٿو.(١)

هيگل جي خيال ۾ ڪامل وجود هڪ مطلق تصور آهي، جيڪو جدلياتي ضدن کان مٿانهون بالاتر آهي.(٢)

ڪارل مارڪس پنهنجي جدلياتي ماديت ذريعي مادي کي بنيادي حقيقي وجود قرار ڏنو.

ڇا حقيقت نيستي آهي، جيڪڏهن نيستيءَ ۾ آهي تہ ڇا اها نيستي حقيقي وجود ڪل آهي .اسان جي زندگي جيڪڏهن وجود حقيقي آهي تہ پوءِ اها اڻپوري ڇو آهي؟ يا مسلسل تبديلي ۾ ڇو آهي؟ هتي اڻپوري مان مراد آهي تہ انسان مسلسل خواهشن جي مرحلي مان گذري ٿو. خواهش جو مطلب آهي، تہ جيڪا شيءَ موجود ناهي ان کي موجود ڪرڻ. مطلب تہ زندگي هڪ وڏو خال آهي، جنهن کي هر لمحي اسان پورو ڪرڻ ۽ پاڻ کي معنيٰ ڏيڻ جي جدوجهد ۾ رڌل آهيون. معنيٰ هڪڙي ڳالهہ طئي آهي، تہ اسان وجود ناهيون. جيڪڏهن اسان ڪامل وجود ناهيون تہ پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ وجود ڪامل ڪهڙو آهي؟ ڇا وجود ڪامل اسان جو صرف آدرش آهي؟ جيڪڏهن صرف آدرش آهي، تہ وجودياتي دليل جي مطابق شيءِ جو تصور سندس موجود هئڻ جو دليل آهي. مثال: علي ۽ اسلم وجود ئي نٿا رکن . هتي اسان علي ۽ اسلم جي وجود کي تسليم ڪري پوءِ انهن کان انڪار ڪيو آهي. اهڙي طرح معنيٰ جي دنيا ۾اسان وجود مطلق جي تصور سان انهيءَ جي موجودگي جو اعلان پيا ڪريون. ٻي طرف ساختيات جي نظريي مطابق اسان جي ڪلچر ۾ ارتقائي سلسلائي عمل ۾ معنيٰ موجود آهي انهيءَ ڪري آدرش سماج يا ڪلچر جو پيدا ڪيل آهي. آدرش هڪ مها بيانہ آهي جنهن جو تعلق ٻولي ذريعي متعلق سچائي تائين پهچڻ آهي. پر ساختيات پڇاڙان انهيءَ آدرش جي مرڪزيت کي ٽوڙي متعلق وجود جي سچائي کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. مثال 'هما پکي وجود نٿو رکي' هاڻي ڇو تہ لفظ جو معنيٰ سان ڪوبہ تعلق ڪونهي نہ وري انهن کي اسان ضدن ذريعي سڃاڻي سگهون ٿا انهيءَ ڪري شيءَ جو وجود معنيٰ جي تصور سان ڪونهي. ڪائنات ۾ ڪٿي بہ ڪابہ شيءَ پنهنجو اظهار ٻوليءَ ذريعي نٿي ڪري، جنهن کي اسان جهڙي ريت وٺي پرکي سگهون ٿا. اهو اسان جو داخلي مسئلو آهي. هي اهي سوال آهن، جن جي ڇوڏاري وجود جو فلسفو گهمي ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفين وٽ مادي وجود هڪ وجود ڪل ناهي پر ڪامل وجود جو جُز آهي.

جيئن خواجہ محمد زمان چيو هو تہ:

اسر اين ڏي، مچڻ رهين پنڌ ۾،
جزي جائز ناهي ۽ ڪل ريءَ ڪٽڻ ڏينهڙا.(٣)

صرف وجود جو مسئلو انهي وقت حل ٿي سگهي ٿو، جڏهن وجود ڪُل ۾ هي انفرادي جُز سماجي وڃي، جنهن لاءِ صوفين جي خيال ۾ پنهنجي ذات جي نفي ڪري عاجزي ۽ انڪساري ۾ اچڻو پوندو پنهنجي انا ڇڏڻي پوندي. سنڌ ۾ انهيءَ صوفي مت جا ٻي طريقا اسان جي سامهون اچن ٿا. هڪ جمالي طريقو، ٻيو جلالي طريقو ٽيون ملامتي طريقو . سچل جلالي صوفي هو جنهن کي سچ چوڻ لاءِ ڪنهن علامت يا منطق جي ضرورت نہ هئي. بلڪل ائين وجوديت پسندن جي خيال ۾ وجود هڪ نيستي آهي جنهن جو ڪو بہ جوهر ناهي، جنهن کي هٿ ڪري نٿو سگهجي اهو ان ٿانڊاٽي جو تجلو آهي جنهن کي ويجهو وڃي جهلڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي تيستائين هو جڳهہ بدلائي چڪو هوندو آهي. وجوديت پسندن وٽ زندگي زمان و مڪان ۾ ڦاٿل هڪ سراب آهي، جنهن کي ڪو جوهر ناهي.

جيئن سارتر چيو هو:

“Being presupposes essence, All thought essence appears in relation to mediated, essence is nevertheless the true original.(4)

علامہ اقبال چيو هو:

وجود کیا ہے فقط جوہر خودی کی نمود،
کی اپنی فکر کہ، جوہر ہی بے نمود ترا۔(٥)

علامہ اقبال جي خيال ۾ وجود جو مطلق جوهر پنهنجي ظاهريت ۾ هڪ وهڪري جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. انسان پنهنجي اندر ۾ انهيءَ جوهر کي سڃاڻي تہ هو پنهنجي مطلق جوهر کي حاصل ڪري سگهي ٿو. اندر ۾ لڪل خودي اهو ئي جوهر آهي، هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ وجود ڇا آهي؟ جيڪو سچل جو ۽ علامہ اقبال جو بنيادي سوال آهي.





سچل چيو هو:

مين تان ڪوئي خيال هان،
ليسان نال خيال دي.(٦)

علامہ اقبال چيو هو:

مگر یہ پیکر خاکی، خودی سے ہے خالی،
فقط نیام ہے تو، زرنگار و بے شمشیر۔(٧)

انهيءَ خيال کي عام مذهبي علمبردارن جي وس ۾ نہ هو تہ هو حل ڪري سگهن. اهو ئي سوال جڏهن ريني ڊيڪارٽ اٺاريو هو تہ هن شڪ جي لامحدود دنيا ڦهلائي ڇڏي، جنهن ۾ هر شيءَ تي شڪ ڪري سگهجي پيو تہ اها شيءَ وجود رکي ٿي يا نہ. يعني هن جي خيال ۾ تہ انسان جي پنهنجي هئڻ تي شڪ ڪري سگهجي ٿو. سوال اهو آهي تہ مان آهيان اها مون کي ڪيئن خبر پوي جنهن جو جواب ڊيڪارٽ اهو ڏنو تہ: ”مان سوچيان ٿو انهي ڪري مان آهيان “ مطلب تہ منهنجو وجود منهنجو بدن ناهي منهنجي هيئت ناهي پر منهنجي اندر ۾ ڪو آهي جيڪو سوچي ٿو. سچل وٽ اهو ئي خيال آهي جيڪو خيال سان ڄاڻي سگهجي ٿو. نيٽشي جو سُپر مين ۽ علامہ اقبال جو خودي وارو انسان ۽ سچل جو ڪامل انسان دراصل هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن.

نيٽشي پنهنجي ڊرامي ‘Joyful Wisdom’ ۾ چوي ٿو تہ: ”انسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ سيئي سهارا ڇڏڻا پوندا. ڇو تہ ٻڳوان مري چڪو آهي بلڪ اسان ان کي ماري ڇڏيو آهي. هاڻي آزادي جو بي پناهہ وجدان اسان کي پاڻ برداشت ڪرڻو پوندو. اسان کي هر معاملي ۾ خودي جو بار کڻڻو پوندو.“(٨)

بلڪل سچل اها ئي ڳالهہ ڪئي هئي:

پٽيءَ ڇج م ڇل، منجهہ تماشي نہ پوين
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي ڪر هنگامو هل.(٩)

يا

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بٽيجي،
وچ ميدان محبت والي دم قدم ڌريجي.(١٠)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اقبال وٽ خودي جو تصور بہ انهيءَ کان مختلف ڪونهي .اقبال پنهنجي ڪتاب 'اسرار خودی کے' ۾ چوي ٿو .

"I believe there is a Divine tendency in the universe, but this tendency will eventually find its complete expression in a higher man."(11)

خودي جو بنيادي فلسفو وجود جي انهيءَ ڳولا جو حصو آهي، جيڪو صوفي پنهنجي اندر ۾ ڳولي ٿو، جنهن جو مطلب آهي. انسان جيستائين عام زندگي ۾ جيئي ٿو تہ هو هڪ خال آهي، سندس وجود وهڪرو آهي، جنهن ۾ اصل وجود جو جوهر لڪيل آهي، پر جڏهن صوفي رياضت ذريعي ڪشف حاصل ڪري ٿو تہ سندس زمان و مڪان جا پردا ڪڇي وڃن ٿا، تہ اصل وجود جو جلوو پسي ٿو، تہ سندس اندر جو جوهر ڪائنات ۾ عيان ٿي پوي ٿو. اهو اصل وجود آهي، جنهن کي علامہ اقبال خودي چوي ٿو، جيڪو هن زمان و مڪان ۽ مادي وجود کان بالاتر آهي.

مئے وہ ستارہ مثال شرارہ یک و نفس،
مئے خودی کا ابد تک سرور رہتا ہے،
فرشتہ موت کا چھوتا ہے گو بدن تیرا،
تیرے وجود کے مرکز سے دور رہتا ہے۔(١٢)

سچل چوي ٿو:

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولي لهج پاڻ کي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندئي ڄاڻ سڄاڻ.(١٣)

انسان انهيءَ ازلي وجود جي ڳولا ۾ هميشہ کان رهيو آهي، جيڪو سندس آدرش آهي، جيڪا سندس منزل آهي، پر اهو وجود ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪائنات جي ڪا ابديت آهي؟ ڇا وجود ڪُل مادي جي نيستي آهي؟ ڇا نيستي برابر مطلق سچائي آهي؟ صوفي زندگي کي هڪ سفر سمجهن ٿا، جنهن جي ڪا بہ منزل ناهي، منزل صرف آدرش آهي. انهيءَ ڪري شاهہ لطيف چيو هو.

جي قيامَ مڙنِ تہ ڪَرَ اوڏا سُپرين.
تِئائين پَري سُڄنِ، واڏايون وِصالَ جيون.(١٤)





سچل چوي ٿو:

آهيان پاڻ الله ، اديون مونکي ڪير ٿيون ڄاڻو.

وجود جو مسئلو صرف وجود ڪُل جو حصول ناهي، ڇو تہ جڏهن انسان ۾ ئي انهيءَ مطلق ذات جا اسرار موجود آهن تہ پوءِ هڪ منزل تي سڀ ڪجهہ ٿانيڪو ٿي وڃڻ گهرجي. جڏهن سچل چوي تہ:

پنهون پنهون ٿي ڪريان ، آءٌ پڻ پنهون پاڻ
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.(١۵)

يا

ساهون اوڏو سپرين، ٻيو پڇان ٻيو پار.

جڏهن خود شناسي جي منزل تي انسان پُهچي ٿو، تہ اتي بہ بس نٿو ڪري نہ سسئي واپس اچي ٿي. نہ مومل جي بي چيني گهٽجي ٿي،

وري صادق فقير چوي ٿو:

الله ڇڏيائون اوريان، پرانهون پنڌ پيا
ٻنا نالي سپرين اڃا ڪي ٻيا
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيو سندرا.(١٦)

علامہ اقبال چيو:

فارغ تو نہ بیٹھے گا محشر میں جنون میرا،
یا اپنا گریبان چاک، یا دامنِ یزدان چاک۔(١٧)

اها ذات جي جستجو اندر جي اُڇل ڪٿي بہ بس نٿي ڪري. اها بي چيني اها اضطرابي ڪيفيت ، ڇا زندگي لاحاصل جدوجهد آهي.

اها ڪيفيت جوش حيات آهي، جنهن ۾ مسلسل جستجو آهي، جديد وجودي، صوفي ۽ علامہ اقبال انهيءَ ڳالهہ تي يڪجا ٿي وڃن ٿا.

فریبِ نظر ہے سکون و ثبات،
تڑپتا ہے ہر ذرہِ کائنات،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٹھہرتا ہی نہیں کاروان وجود،
ہر لحظہ ہے تازہ شانِ وجود۔(۱۸)

وجوديت پسندن جو چوڻ آهي ته، انسان جي زندگي خالي ائبسرڊ آهي وجود becoming آهي، هي ڪٿي به ٽانيڪو وجود نٿو ٿي سگهي. وجود جو بُنياد ٿئي پاڻ سڃاڻڻ ۾ آهي يا بغاوت ۾ آهي، يا انڪار ۾ آهي، يعني وجود ڪي معنيٰ جو هڪ طريقو مزاحمت به آهي. سارتر انهيءَ ڳالهه ڪي هيئن سمجهايو هو ته اسان ڪي جڏهن الجزائر جي فوجين قيد ڪري مار ڪُٽ ڪئي اسان کان راز پُڇڻ جي جستجو ڪئي، پر اسان جي انڪار اسان ڪي وجود جو وجدان ڏنو اسان ان وقت محسوس ڪيو ته اسان جي اهميت اسان جي مزاحمت ۾ آهي، اسان جي به مرضي آهي، چو ته ان وقت اسان ڪي پنهنجي وجود جو وجدان ٿيو.

ساڳي ڳالهه شاهه لطيف هيئن چئي آهي ته:

سڪر سيئي ڏينهن ، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏ قڙا مٿي ماڙين مينهن،
واجهائيندي وصال ڪي ٽيس ٿهارون ٽيئن،
نير منهنجو نيهن اجاري اڇو ڪيو.(۱۹)

ٽانيڪو وجود (Rest Zone) جيستائين مزاحمت نٿو ڪري ، جيستائين پنهنجي سڪون مان نٿو نڪري تيستائين معنيٰ نٿو حاصل ڪري. انهيءَ ڪري علامه اقبال چيو هو ته:

خدا تجھے کسی طوفاں سے آشنا کر دے،
کہ تیرے بحر کی موجوں میں اضطراب نہیں۔(۲۰)

اهڙي طرح جڏهن علامه اقبال جبرائيل جي واتان شيطان کان پڇي ٿو ته:

ہر گھڑی افلاک پہ رہتی ہے تیری گفتگو،
کیا نہیں ممکن کہ تیرا چاک دامن ہو رفو۔

ان تي شيطان جواب ڏئي ٿو ته:





میں کھٹکتا ہوں دل یزداں میں کانٹے کی طرح،
فقط تو اللہ ہو، اللہ ہو، اللہ ہو۔(۲۱)

سچل انهيءَ ڳالهه کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

ابليس جي وڏائي هر سانس تي سوائي
جيئڻ ته دم بلائي ، نه ته تحت نحت ناسي.(۲۲)

يا

چوڙ گمان گدائي والا شملا چا بڌ شاهي دا.

صوفي انهيءَ ڪري بي چين وجود تي پوندو آهي ته هن وٽ اسرار پريو شعور، سندس بنياد کي ڳولي ٿو. صوفي چون ٿا، جڏهن اسان 'مان' چئون ٿا ته اصل وجود کان پري ٿي وڃون ٿا. چو ته مان جي دعوا انسان کي نه جڳائي. اها انا آهي، جيڪا ماڻهو کي پهرين ڏاڪي تي جيئاري ٿي.

علامه اقبال کان پڇيو ويو ته انسان مادو آهي يا روح؟ جواب ڏنائين ته:

اگر نہ ہو تجھے اُلجھن تو کھول کر کہہ دوں،
وجود حضرت انسان نہ روح ہے نہ بدن۔(۲۳)

سچل چيو هو ته:

مان جوئي آهيان سو ئي آهيان.

سوال اهو آهي ته، پوءِ خودي جو بنياد ڇا آهي؟ اصل ۾ خودي جو وجود اندر جي انهيءَ هستي کي ڳولي لهڻ آهي، جيڪا ماڻهو انا ۾ وڃائي ڇڏي آهي.

## حوالا


۱. قاضي، قيصرالسلام، 'فلسفي ڪي بنيادي مسائل'، نيشنل بڪ فائونڊيشن، ڇهون ايڊيشن، ۲۰۱۲ع ، ص: ۹۶.
۲. ايضاً، ص: ۷۵.
۳. محمد زمان، خواجه ' ابيات سنڌي'، ترجمو: پير سعيد حسن، انجمن پريس نشتر روڊ،




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪراچي. ۱۹۸۱ع، بيت: ۴۳، ص: ۷۶.

4. Jean paul Sartre , being and nothing ness , translated by Hazel E Banes , pocket book, Washington Square Press New yourk 1966. Page 45
5. ضرب کلیم .علامہ اقبال.19 February 2019. http://iqbalurdu.blogspot.com/2011/04/zarb-e-kaleem-028-afrang-zada.html

.٦ عباسي، تنوير، ’راڳ صوفي ۽ سنڌ‘ ، سچل چيئر ، شاھ لطيف يونيورسٽي، خيرپور، ۲۰۱۱ع، ص: ۲۸.

7. https://www.rekhta.org/ebooks/zarb-e-kaleem-allamaiqbalWebooks?gclid=EAIaIQobChMIuZrdrZPA4AIVApzVCh1n0Aa0EAAYASAAEgJp5vD_BwE, page 29 time 4.00 pm 16.02-2019

.۸ فريد الدين، پروفيسر، ’وجوديت‘ ، نگارشات لاھور، ۱۹۸٦ع،ص: ۳۲ ۽ ۳۳.

.۹ شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، ’سچل سارو سچ‘ ، بين الاقوامي سچل ڪانگريس، ۱۹۸۹ع، ص: ۱۳۱.

.۱۰ ساڳيو، ص: ۱۴۱.

11. Asrar-e- khudi translated Reynold A. Nicholson.

.۱۲ قاضي، قيصر، السلام، ’فلسفي ڪي بنيادي مسائل‘ ، نيشنل بڪ فائوڊيشن، ڇھون ايڊيشن، ۲۰۱۲ع، ص: ۵۵۴.

.۱۳ حداد، محمد علي، ’سچل جي ڪلام ۾ خودي جو فلسفو‘ ، سچل چيئر، شاھ لطيف يونيورسٽي، خيرپور، سنڌ، ڊسمبر ۲۰۱۱ع.

.۱۴ صفدر، ميرزا ۽ چاچڙ، شوڪت، ’گنج (شاھ جو رسالو) الف بي وار‘ ، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۱۲ع، ص: ۳۱۲.

.۱۵ شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، ’سچل سارو سچ‘ ، بين الاقوامي سچل ڪانگريس، ۱۹۸۹ع، ص: ۳۲

.۱٦ ساڳيو، ص: ۷٦.

17. http://iqbalurdu.blogspot.com/2011/04/bal-e-jibril-038-ye-dair-e-kuhan-hai.html 21.february 2019.

.۱۸ قاضي، قيصرالسلام، ’فلسفي ڪي بنيادي مسائل‘ ، نيشنل بڪ فائوڊيشن، ڇھون ايڊيشن، ۲۰۱۲ع، ص: ۵۲۹.

.۱۹ صفدر، ميرزا ۽ چاچڙ، شوڪت، ’گنج (شاھ جو رسالو) الف بي وار‘ ، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۱۲ع، ص: ۵۱۵.

20. http://iqbalurdu.blogspot.com/2011/04/zarb-e-kaleem-091-talib-e-ilm.htm 23.february 2019







21. http://iqbalurdu.blogspot.com/2011/04/bal-e-jibril-147-jibreel-o-iblees.html date 23 February 2019.

.۲۲ شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، ’سچل سارو سچ‘ ، بين الاقوامي سچل ڪانگريس، ۱۹۸۹ع، ص: ۷۳.

23. http://iqbalurdu.blogspot.com/2011/04/zarb-e-kaleem-058-adam.html date 23.February time 5. pm.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair